## سمورن باشعور سنڌين کي اپيل

# هن خواب کي حقيقت ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو!




سنڌ ۾ ان جي هڪ ڪروڙ ٻوڏ جي ماريل مظلوم عوام جي صورتحال اسان سڀني جي سامهون چٽيءَ طرح واضح آهي. هونئن ته سنڌ ۾ سنڌين کي تاريخ ۾ هزارين مصيبتون، حملا ۽ نهايت ڏکيون صورتحالون سامهون آيون آهن. سنڌ تي آرين، عربن، ارغونن، ترخانن کان وٺندي 1843ع ۾ انگريزن جي فتح تائين ڪيتريون ئي ڪاهون ٿيون آهن. جن سنڌ جي ٻيلَ ۾ برٻادي پٽي ڪئي، پر رياست جي ناڪاميءَ، نااهليءَ ۾ مجرمانه بدانتظاميءَ سبب آيل ٻوڏ سنڌ ۾ جيڪي راڱا ڪيا آهن. انهن جو ڪوبه ڪاتو لڳائي نٿو سگهجي. سنڌ جي تاريخ ۾ سنڌين جي ڪنهن به نسل ايتري تباهي نه ڏٺي آهي. جيڪا اسان جي اکيان نه رڳو ٿي چڪي آهي ۽ ٿي رهي آهي، پروڊيڪ ٿيڻ جا امڪان چٽا ۽ پڌرا آهن. هن مثالي بدانتظاميءَ ۾ نااهليءَ جي نتيجي ۾ آيل ٻوڏ نه رڳو سنڌ جي 24 ضلعن مان 19 ضلعن جي هڪ ڪروڙ سنڌين کي گهر بدر ۽ دربدر ۽ جڻ ته پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي جلاوطن ڪري ڇڏيو آهي، پر سنڌ جي زراعت، انفرااسٽرڪچر، چوپائي مالي، هزارين ڳوٺن ۽ سوين ننڍن شهرن کي مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏيو آهي. رياست جي نااهليءَ ۽ بدانتظاميءَ جي نتيجي ۾ آيل هن ٻوڏ جي ڪري سنڌين پنهنجي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي لڏپلاڻ ڪئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ 80 لک ماڻهو رستن، روڊن، پٽن ۽ ڪيمپن ۾ بدترين غير انساني زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. سنڌ جو وڏو حصو عزت ڀرين انساني آبادين بجاءِ انسانيت جي تذليل جي ڏِڪَ ڏينڊڙ ڪيمپن ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. درحقيقت انهن تذليل گهرن کي ڪيمپون به نٿو سڏي سگهجي. چاڪاڻ ته دنيا ۾ ڪيمپن جا پڻ ڪي اُصول مقرر ٿيل آهن. هي ته اُهي جايون آهن. جتي لکين عورتون، ٻار ۽ مرد جانورن کان به بدتر حالت ۾ واڙيل آهن. جتي بنيادي انساني سهولتن جو ڪوبه انتظام ته ڇا تصور به موجود نه آهي. البته غير سرڪاري تنظيمن جي انتظام هيٺ هلندڙ ڪيمپن جي صورتحال نسبتن بهتر آهي.

ٻوڏ جي هن تباهيءَ جتي رياست جي ڪردار، حڪومتن جي صلاحيت، معاشري جي سگهه ۽ ادارن جي ساک ۽ اهليت بابت انيڪ سوال اُٿاريا آهن. اُتي سڀني کان اهم ۽ حساس اهو پيغام پڻ ڏنو آهي ته ناڪام رياست جي

نااهل ۽ ڪرپٽ ادارن جي صورت ۾ اسين ڪيترو نہ غير محفوظ هئن ۽ صورتحال ۾ آهيون. هيءَ رياست ۽ ان جو هر ادارو اُڌوهيءَ کاڌل ڪاٺَ جيان اندران مڪمل طور کاڄي چڪو آهي. اهو بار بار ثابت ۽ واضح ٿي چڪو آهي تہ هيءَ رياست عوام جو معاشي رَتُ چُوسي رڳو ڪرپٽ ڪامورن، فوج شاهي، ڏنڌوڙي ۽ اقتدار پرست سياستدانن جا کوهن جهڙا پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ماڻهو مرن يا جيئن، هن رياست ۽ ان جي ڪرپٽ ۽ نااهل ادارن جو عوام سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. انگريزن جي جنهن بينڪيتي نظام کي هن رياست پنهنجي ورثي طور قبول ڪيو هو، اهو بہ پاڪستان جي رياست کان هزارين ڀيرا وڌيڪ بهتر، انصاف ڏيندڙ ۽ ماڻهن جي سارَ لهندڙ نظام هو. ان ڪري هن رياست جو عوام سان ڪوبہ تعلق نظر نٿو اچي. باقي عوام کي ڦرڻ، لٽڻ، ساڻن ويساهہ گهاتيون ڪرڻ لاءِ هن رياست جي سموري مشينري پنهنجي پوري ذميواريءَ سان ڪم ڪندي رهي ٿي. هيءَ رياست هڪ جوئر آهي، جيڪا رڳو عوام جو سياسي ۽ معاشي رَت ئي پي سگهي ٿي. هڪ ڀيري ڪراچيءَ جي هڪ سيمينار ۾ جنهن ۾ سنڌ حڪومت جي ڪامورن جو چڱو انگ موجود هو، مون جڏهن چيو هو تہ جيڪڏهن سرڪاري ادارن ۾ ڪرپشن جو خاتمو ٿئي تہ شايد موجوده بيوروڪريسي آفيسن ۾ اچڻ ئي ڇڏي ڏيندي تہ اسان جي مانواري ڀيڻ ميڊم مهتاب راشديءَ ردعمل ظاهر ڪيو هو پر پوءِ ساڳئي ئي پروگرام جي پڄاڻيءَ تي اعتراف ڪندي مونکي چيو هئائين تہ:

**"بات تو سچ هي مگر بات هي رسوائي کي"**

ڪرپشن، اقرباپروري، ۽ ڦورو نفسيات رياست جي سمورن ادارن کي مرٽينگ ڪري سندن پيشہ ورانہ صلاحيت کي مڪمل طور مفلوج ۽ تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. هن ٻوڏ ۾ وفاقي توڙي صوبائي سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي ۽ ڪردار ان جو وڏو ثبوت آهي.

هڪ طرف رياست جي ناڪامي ۽ نااهليءَ جي صورتحال اِها آهي تہ ٻئي طرف هن ٻوڏ اسان کي بطور معاشري جي بہ پنهنجو حقيقي آئينو ڏيکاريو آهي، جنهن ۾ اسان کي نظر نہ ٿو اچي تہ ڪو اسان وٽ اهڙا فرد ۽ ادارا وڏي انگ ۾ موجود آهن، جن وٽ عوام جي واهر ڪرڻ جو جذبو ۽ ايمانداري بہ هجي ۽ گڏوگڏ اهڙي صلاحيت، افرادي قوت ۽ گهربل انتظام بہ هجي. ورهاڱي کان اڳ سنڌي هندن ۾ فلاحي ڪمن (Philanthropy) جو نہ رڳو اهو جذبو هوندو هو، پر انهن وڏا ادارا پڻ قائم ڪيا. سنڌي مسلمانن ۾ زرعي معاشري ۽ جاگيردارانہ نفسيات سبب اهو رويو شروع کان نهايت گهٽ رهيو آهي، پر وقت سان گڏ اهي رويا تبديل ٿيڻ کپندا هئا. پر اسان جي صورتحال ۾ گهڻي تبديلي نہ آئي آهي. اُڀرندڙ سنڌي مڊل ڪلاس گهڻي ڀاڱي انفراديت پسنديءَ ۽ ڇڱاڙي نفسيات جو شڪار آهي. هن جي سموري جاکوڙ پنهنجي ذات، گهر ۽ اولاد کان اڳتي

نہ ٿي سري. رياست جي ناڪاميءَ پڻ ماڻھن ۾ ويڳاڻپ ۽ عدم سلامتيءَ جو احساس پيدا ڪري ڪين انفراديت پسنديءَ جي ذھڻ ۾ ڌڪڻ تي مجبور ڪيو آھي. مڊل ڪلاس جو عام ماڻھو پنھنجي ”نڪ“ ڪان اڳتي ڏسي ئي نہ ٿو. جيتوڻيڪ اسان وٽ ايماندار، ساک وارا ۽ ذميوار فرد ۽ ادارا موجود آھن، پر انھن جو انگ تمام ٿورو ۽ سندن مالياتي ۽ پيشہ ورانہ صلاحيت پوري ساري آھي. منھنجو ذاتي مشاھدو ۽ تجربو اھو آھي تہ مڊل ڪلاس جي سرگرم فردن ۽ ادارن جي اڪثريت ”جڳاڙي“ آھي. سستي شھرت، بنا محنت ۽ پورھيي توڙي قابليت جي اڳتي وڌڻ ۽ لالچي نفسيات سبب اسان جي مڊل ڪلاس جو اھو ڳھرو ڪردار نہ ٿو اُڀري، جنھن جي سنڌ کي ضرورت آھي ۽ جنھن جي نہ ھئڻ جي اسان بطور قوم جي قيمت ادا ڪري رھيا آھيون.

جيتوڻيڪ ڳالھيون بہ عمل جو حصو آھن پر جي رڳو ڳالھين کي ئي عمل سمجھبو تہ ظاھر آھي تہ سماج ۾ ڳھري تبديلي نہ ايندي. سنڌي سماج جي موجوده صورتحال اسان سيني کي پنھنجو ڪردار تبديل ۽ وڌيڪ بھتر ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ سڏي رھي آھي. اسان مان ھرھڪ ماڻھوءَ کي پنھنجي ڪردار تي غور ڪرڻو پوندو. بي عمل ماڻھو رڳو ٻين تي آڱر کڻندو آھي، پر ھن صورتحال ۾ اسان کي پنھنجي پنھنجي ڪردار تي غور ڪري ان کي اڃا وڌيڪ ذميوار، لاياڻتو ۽ اثرائتو بڻائڻو پوندو.

قومن يا سماجن جا مزاج ڪو جامد يا ھڪ ھنڌ بيٺل نہ ھوندا آھن، پر اُھي مسلسل تبديل ٿيندڙ ۽ متحرڪ ھوندا آھن. ممڪن آھي تہ سنڌ ۾ ٻوڏ جي صورت ۾ آيل ھيءَ تباھي اسان جي قومي ڪردار ۽ مزاج کي تبديل بہ ڪري پر ان لاءِ ڪجھ فردن ۽ ادارن کي رول ماڊل جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ ھن قومي تباھ حاليءَ کان لاتعلقي وڌيڪ بدترين انارڪيءَ کي جنم ڏئي سگھي ٿي.

متين سموري ڳالھ ٻولھ جو تَتُ ھيءُ آھي تہ آخر ھڪ ناڪام رياست ۽ جڳاڙي معاشري جي موجوده صورتحال ۾ سنڌين جي الھ تلھ وڃايل ھڪ ڪروڙ ماڻھن جي واھر ڪير ۽ ڪيئن ڪندو؟ چاڪاڻ تہ في الحال تہ ان ڏس ۾ نہ تہ ڪا ڳھري رٿابندي نظر ٿي اچي ۽ نہ وري سنجيدگي ۽ ڪمٽمينٽ. ٻئي طرف اھو خطرو پڻ موجود آھي تہ جيڪڏھن صورتحال بدستورِ اھا رھي تہ اھا ننڌڪائي، بيوسي، بک ۽ بدحالي اھڙي انارڪيءَ کي جنم ڏيندي، جنھن کي ڪنٽرول ڪرڻ نہ تہ رياست جي وَس ۾ ھوندو ۽ نہ معاشري جي.

مان سمجھان ٿو تہ سنڌ ۽ ان جي ھڪ ڪروڙ تباھ حال ماڻھن کي ھن صورتحال مان ڪڍڻ لاءِ وري بہ جيڪا ڌر صحيح معنيٰ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگھي ٿي، اُھي باشعور ۽ قومي توڙي انساني احساس رکندڙ سنڌي ماڻھو ئي ٿي سگھن ٿا. سنڌ ۾ سنڌين جي آبادي ھڪ محتاط اندازي مطابق چار ڪروڙ آھي. انھن مان لڳ ڀڳ ھڪ ڪروڙ سنڌي ماڻھو دربدر ٿيا آھن. جيڪڏھن باقي بچيل ٽي ڪروڙ سنڌين مان ھڪ ڪروڙ ماڻھو بہ

سموري سنجيدگيءَ سان عملي طور اُتي بيهي سامهون اچن ته مان سمجهان ٿو ته انهن نڏٽڪن هڪ ڪروڙ سنڌي ماڻهن کي پنهنجن پيرن تي بيهاري ڪين عزت ۽ پاڻ ڀري زندگيءَ ڏانهن نه رڳو موٽائي سگهجي ٿو، پر پاڻ ان کان بهتر صورتحال ۾ داخل ڪري سگهجي ٿو. منهنجيءَ نظر ۾ ان لاءِ سنڌ جي هر مڇي مانيءَ لائق گهر کي هڪ ڏتڙيل گهر کي Adopt ڪرڻو پوندو. اهو ڏيکاءَ لاءِ يا ميڊيا ۾ سامهون اچڻ لاءِ نه پر اهڙي جذبي سان ڪرڻ جي گهرج آهي، جيئن ڏکيءَ ويل پنهنجي پاءُ، ڀيڻ، اولاد يا ڪنهن ويجهي مائٽ جي مدد ڪبي آهي. جنهن ۾ انهن کي گهٽ نه سمجهبو آهي ۽ نه ئي موٽ ۾ ان جو ڪو اُجورو يا موٽَ گهربي آهي. اهو سڀ ڪجهه ان خالص ۽ سچي جذبي سان ئي ٿيڻ ممڪن آهي، جنهن ۾ وٺي نه پر ڏئي خوشي ماڻبي آهي.

منهنجيءَ نظر ۾ اهو ڪردار ٽن سطحن تي ادا ڪري سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته ان مهم ۾ ڪردار ۾ هيٺين وچئين طبقي کان وٺي وچئين طبقي ۽ خود مٿئين طبقي جا باضمير ماڻهو حصو وٺي سگهن ٿا پر ٽنهن لاءِ هڪ شرط لازمي آهي ته اُهي ڪنهن به هڪ تباهه حال خاندان کي عملي طور پنهنجي هڪ عزيز خاندان طور Adopt ڪن. ان لاءِ ٽي ممڪن صورتون هي ٿي سگهن ٿيون:

(1) جيتوڻيڪ هيٺين وچين طبقي جا ماڻهو پنهنجيءَ ۾ پورا آهن، پر ان جي باوجود جيڪڏهن پنهنجي حال آهر اُهي هڪ خاندان کي Adopt ڪن ته ان جي هڪ حد تائين واهر ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن به هڪ ڏتڙيل گهر کي هڪ طرف 25000 روڪ ڏنا وڃن ۽ پوءِ پنهنجي حال آهر تيستائين سندن سارَ سنڀال لهجي جيستائين اهو ڏتڙيل گهر معاشي، سماجي ۽ نفسياتي طور پنهنجن پيرن تي بيهي سگهي. ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال گهرجي، اهو عملي طور بلڪل ممڪن آهي. پرائمري ۽ هاءِ اسڪول جا استاد، ننڍا دڪاندار، ڪلارڪ ۽ 17هين گريڊ کان هيٺ سرڪاري ملازم اها ذميواري پنهنجن ڪلهن تي کڻي سگهن ٿا.

(2) ان ڪردار ادا ڪرڻ جي ٻي سطح مڊل ڪلاس جي ماڻهن جي آهي، جيڪي هڪ پائيپيءَ ۾ ورتل خاندان کي ياته 50،000 روڪ ڏئي سگهن ٿا يا گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال لاءِ ٽي کان پنج هزار ماهوار وظيفو ڏئي سگهن ٿا، جنهن مان ڏتڙيل خاندان پنهنجون اهي ٻئي ڪم گڏ به ڪري سگهن ٿا ته جيئن اهو ڏتڙيل خاندان پنهنجي روزگار جو به ڪو بندوبست ڪري سگهي ۽ جيستائين اهو معاشي طور پاڻ ڀرو ٿئي، تيسين ان جون گهٽ ۾ گهٽ ضرورتون پوريون ٿي سگهن. جيڪڏهن دل سان انهن خاندانن/ گهرن کي Adopt ڪبو ته اهو ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو.

(3) ان ڏس ۾ ٽين ۽ سڀ کان آئيڊيل صورت اها ٿي سگهي ٿي ته سرنديءَ وارا ماڻهو اڳتي اچن ۽ اُهي برداريءَ ۾ ورتل (Adopted) ڪنهن به هڪ گهر کي ٽن لکن جي مدد ڪن. جنهن مان هڪ غريب ماڻهوءَ جو

گهر مڪمل طور نہ رڳو پاڻ پرو تي سگهي ٿو، پر اهو انهن پئسن مان پنهنجو اُپرو سيرو غريباڻو اُجهو پڻ ٺاهي سگهي ٿو.

جيڪڏهن سچ پچ بہ هڪ بچي ويل گهر/ خاندان طرفان هڪ ڏتڙيل خاندان کي Adopt ڪرڻ جو عملي رجحان تيز ٿئي تہ نہ رڳو ان سان اهي لکين تباهہ حال ماڻهو ۽ خاندان غربت پري زندگيءَ ڏانهن واپسي ڪري سگهن ٿا، پر ان سان هن ذات پات ۽ نسلي گروهہ بنديءَ جي ور چڙهيل سماج ۾ مختلف ذاتين، نسلن، علائقن، ڳوٺن ۽ شهرن جي پاڻ ۾ سنڌي تعلق جي نتيجي ۾ سچ پچ بہ وڏي ڪيفيتي (Qualitative) تبديلي اچي سگهي ٿي. جڏهن ڪو چانڊيو ڪنهن ميمڻ يا ڪوريءَ کي پنهنجو ڀاءُ سمجهي ان جي گهر کي Adopt ڪري ۽ ڪو شيخ، ميمڻ، سمون يا سومرو ڪنهن سنڌي بروچ کي پنهنجو عزيز سمجهي ان جي گهر کي Adopt ڪري، لاڙ جو ماڻهو اُتر جي ماڻهوءَ کي Adopt ڪري، شهرن جو ماڻهو ٻهراڙيءَ جي ماڻهوءَ کي ۽ ٻهراڙيءَ جو ماڻهو ڪنهن ڏتڙيل شهري ماڻهوءَ کي Adopt ڪري تہ تصور ڪري سگهجي ٿو تہ ان جا رڳو معاشي نہ پر سماجي، ثقافتي ۽ نفسياتي طور سنڌي سماج تي ڪيترا اثر پوندا. هيءُ وقت آهي اهو ثابت ڪرڻ جو تہ خون، ذات ۽ قبيلي جي رشتي کان قومي ۽ انساني رشتو وڌيڪ اُتم ۽ سگهارو ٿيندو آهي. هڪ ٻئي کي ذات پات جي فرق کان مٿانهون ٿي Own ڪرڻ سان اسين سنڌي سماج جي نئين سماجي اڏاوت ڪري سگهون ٿا.

دنيا جون سموريون سڌريل ۽ ترقي يافتہ قومون هاڃن، حادثن، جنگين، قدرتي آفتن ۽ غير معمولي تباهہ ڪارين جا امتحان پاس ڪري پوءِ اڳتي وڌيون آهن. سنڌ تي مڙهيل هن قيامت جهڙي صورتحال کي هڪ نئين رويي ۾ نئين سنڌ جي اڏاوت جي جذبي ۽ عمل ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. هن خواب جي تعبير ممڪن آهي، جيڪڏهن اسان سچ پچ بہ هڪ زندهہ قوم هئڻ جو ثبوت ڏيون. ان ڏس ۾ پهرين وِ ک مان پاڻ کڻي رهيو آهيان. مان هن ڪالم ذريعي اهو وچن ٿو ڪريان تہ مان سنڌ جي هڪ ڏتڙيل خاندان کي Adopt ڪندس ۽ ان کي هڪ اهڙي رشتي ۾ تبديل ڪندس، جيڪو اڻ ٽٽ هوندو ۽ هن خواب جي تعبير ڏانهن پهريون قدم هوندو. اچو تہ اسين سڀ پنهنجي پنهنجي پتيءَ جو ذمو کڻون ۽ وڌيڪ نہ تہ فقط هڪ ڏتڙيل گهر جو بار کڻون. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ سنڌ جو هر ڏتڙيل گهر هڪ ”ننڍڙي سنڌ“ آهي ۽ اهڙا ئي لکين ڪروڙين گهر گڏجي اسان جي مڪمل سنڌ ٺاهين ٿا. ظاهر آهي تہ اسين سموري سنڌ جو بار اڪيلي سر نہ ٿا کڻي سگهون، پر اسان ڏتڙيل گهرن جي صورت ۾ هڪ هڪ ”ننڍڙي سنڌ“ جو بار پنهنجي پوري ايمانداريءَ ۽ سچي جذبي سان کڻون تہ اسان نہ رڳو انهن جي زندگين ۾ خوشيون موٽائي سگهون ٿا، پر ان سان پنهنجي اخلاق، فرض شناسيءَ، ڪردار ۽ روح جي پڻ نئين سر آبياري ڪري سگهون ٿا.

سنڌ جي سڀ کان قيمتي شيءِ ان جا ماڻهو آهن. اسين اُهي سڀ جيڪي سنڌ سان محبت جون دعوائون تا ڪريون، هن ڏکيءَ مهل اسان کي موقعو ڏنو آهي ته اسان سنڌ سان پنهنجي محبت ۽ عشق کي عملي طور پرکيون ته اهو پيار رڳو هڪ نلهي ڳالهه آهي يا هڪ متحرڪ ۽ عملي سگهاري قوت؟ سنڌ جي سلامتي سنڌي ماڻهوءَ جي سلامتيءَ سان وابسته آهي. سنڌ جو شان ۽ عزت به ان جي ماڻهوءَ سان مشروط آهي ۽ سنڌ سان اسان جي محبت به ان جي ماڻهوءَ سان پيارَ ۽ ان جي سارَ سنڀال ۽ مالڪيءَ جي صورت ۾ سامهون اچڻ گهرجي.

حڪومت رڳو سنڌ جو تباهه حال انفرااسٽرڪچر اڳوڻي حالت ۾ بحال ڪري وجي ته به وڏي ڳالهه آهي. جيڪا حڪومت ڪجهه لک ماڻهن کي فضيلت سان ٻن ويلن جي ماني نه ٿي کارائي سگهي، اُها هڪ ڪروڙ ڏتڙيل ماڻهن کي جيڪو آباد ڪندي، اُهي سڀ افعال اسان کي ساريا پيا آهن. جيئن هن پيري سنڌ جا اڪثر بند ماڻهن پاڻ بچايا آهن، تيئن انهن ڏتڙيل ماڻهن ۽ خاندانن کي پڻ سنڌي ماڻهو ئي هن قيامت مان ڪڍي سگهي ٿو ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن اسين رڳو ڪيمپن تي ماڻهن کي ماني پچائڻ ۽ ڪين پنهنجي گهر جا پراڻا ڪپڙا ڏيڻ کان اڳتي وڌي سچ پچ به گهٽ هڪ گهر يا ڪٽنب جو گهربل بار کڻون ۽ سنڌ جو هر پنهنجن پيرن تي بيهڻ خاندان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏتڙيل خاندان جي مڪمل ۽ مسلسل واهر ڪري. هيءُ ”مهل تي مڙسي“ ڏيکارڻ ۽ ”ٻڌيءَ جا ٻيٽا“ ڪرڻ جو وقت آهي. اچو ته ڪجهه گهڙيون ڪڍي اسان پنهنجو پاڻ کان پڇون ته ڇا اسان هن ڏکيءَ مهل هڪ گهر يا ڪٽنب جي صورت ۾ هڪ ”تنيڏڙي سنڌ“ جي سارَ لهي سگهون ٿا؟ هن مهل سنڌ سان اسان جي محبت جو اهو ئي امتحان آهي.

jchandio@cpcs.org.pk

---

روزاني عوامي آواز ڪراچي، 9 سيپٽمبر 2010 ع